# سائنس ۽ سماج

## نور مشوري

---

ڪو زمانو اڳ جڏهن انسان کي اها خبر ڪانہ ٿي پئي تہ هوا، باهہ، پاڻي، سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ ڇا آهن، مندون ۽ موسمون ڪيئن ٿيون بدلجن، ڏينهن رات ڪيئن ٿا ٿين يا زلزلا، طوفان، برساتيون، بيماريون ۽ ٻيون مصيبتون ڪيئن ٿيون اچن، آخر ڪيئن، ڇو ۽ ڇا لاءِ جهڙن سوالن کين سوچڻ تي مجبور ڪيو ۽ کن چيو تہ هن ڪائنات کي خدا سائين ڇهن ڏينهن ۾ خلقيو آهي ۽ ان کي ڍڳي جي سڱ تي بيهاري ڇڏيو آهي، ان کي نہ ڄاڃي سگهجي ٿو نہ سمجهي سگهجي ٿو ۽ نہ ئي ان سان سينو ساهي سگهجي ٿو. خدا پنهنجي ڳجهہ کي پاڻ ئي ڄاڻي ٿو، بس ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي، هن سان هٿ چراند ڪرڻ ڪفر آهي، جاندارن جون بيماريون، ڏک ۽ مجبوريون، برساتون، طوفان، زلزلا ۽ ٻيون شامتون خدائي عذاب آهن، جيڪي ٻاڏائڻ، خير ڪڍڻ، ساٺ سنئوڻ، ڏاڳي ڦيٽي سان ئي دفع ڪري سگهجن ٿا.

ان جي ابتڙ ڪن چيو تہ هن ڪائنات کي نہ صرف ڄاڃي ۽ سمجهي سگهجي ٿو، بلڪ ان کي بدلائي بہ سگهجي ٿو. آخر انسان ان کي سمجهڻ شروع ڪيو ۽ فطرت کي ويجهو پوندو ويو. هن مندن موسمن، ڏينهن رات، مهينن ۽ سالن کي سمجهڻ شروع ڪيو. هن هوا، باهہ، پاڻيءَ کي سمجهيو. هن روشني ۽ ان جي رفتار کي سمجهيو. هن سمنڊ جا ترا ڇاڇوليا، جبل، پهاڙ، ميدان، خلا ۽ چنڊ جا سفر سر ڪيا، هن ڏاڪي بہ ڏاڪي فطرت جي لڪل سمورن رازن ۽ لقائن جهڙوڪ بجلي، ٽيليفون، ٽيليگراف، ريڊيو، ٽي وي، ايڪسري، هوائي جهاز، ڪمپيوٽر، فيڪس جهڙيون اهم سائنسي ايجادون ڪري انساني سماج ۾ ترٿلو مچائي ڏنو. هاڻ سائنس ايتري تہ ترقي ڪئي آهي جو ماڻهو چاهي تہ ضرورت ڪان

وڏيڪ پوندڙ برسات ۽ طوفان ڪي هڪ ڪنڊ کان ٻئي ڪنڊ ڏانهن ڊوڙائي ڇڏي، جيئن ڪو مال جو ڌنار مال کي هڪ ٻاري کان ٻي ٻاري ڏانهن ڊوڙائيندو آهي. انسان چاهي ته ڪنهن هڪڙي ماءُ پيءُ جي جيوَ کي سرجائي ٻي ڪنهن ماءُ جي پيٽ ۾ نوَ مهينا تاتي ڄڻائي ۽ ڄڻائڻ کان اڳ ڏيءَ يا پٽ جو ٻُڌائڻ ۽ ان ڄمندڙ ٻار کي سرجڻ کان اڳ ۾ ڳپ وقت ٿي ٻي، تيئنس جا حفاظتي ٽڪا ۽ دوائون ماءُ ۾ داخل ڪري صحتمند ٻار ڄڻائڻ به ڪنهن ڪرشمي کان گهٽ نه آهي. هاڻ ته ڪلوننگ ذريعي جاندار ڄڻائڻ به هڪ معمولي ڳالهه سمجهي وڃي ٿي. دل ۽ دماغ جا آپريشن به عام رواجي ڪم سمجهيا وڃن ٿا. ڦڦڙ، اکيون ۽ بڪيون ايئن تبديل ڪيون وڃن ٿيون جيئن ڪنهن موٽر سائيڪل جا پارٽس تبديل ٿيندا هجن. فصلن ۽ ميون جون نيون جنسون متعارف ڪرائڻ ۽ انهن کي لڳندڙ بيمارين کان اڳواٽ علاج ڪرڻ ۽ انهن سببن معلوم ڪرڻ لاءِ نوان تجربا ڪرڻ ۽ پراڻين جنسن جهڙوڪ ڪانگڙو، سڳداسي، لاڙي، سگڙو سنڌي ڪٽڪ ۽ سنڌي انب جي جاءِ تي وڏيڪ لاپ ڏيندڙ ميڪسي پاڪ ڪٽڪ، چانورن ۾ ايري ڇهه ۽ اٺ سنڙيو، باسمتي ڪرنل ۽ ميون ۾ سنڌڙي، لنگڙو، چوسو، دسهيري، سرولي جنسون وغيره سائنسي کوجنا ۾ تحقيق جا نوان باب آهن.

موجوده دؤر ٽيڪنالاجي جو دؤر آهي. اڄ سڄي دنيا هڪ گهر جيان آهي. دنيا ۾ ڪٿي به ڪو انسان آرس پيجي ٿو يا اوٻاسي ڏئي ٿو، تنهن جي به خبر پئجيو وڃي ٿي. ٻي طرف اسان جي سماجي جوڙجڪ انڌي عقيدي ۽ وهم وسوسن جي پنجوڙن ۾ گرفتار آهي، جو اسان جنترن منترن، ڌاڳن ڦيٽن، اوتارن مندرن، سڙن جنن، پوپن، ٻاون، ٻڌن ۽ پکشوئن جي چڪرن ۾ ڦاٿا پيا آهيون، بدترين جاگيرداري اسان مان سمجهه، سرت، حوصلو. همت کسي ورتي آهي. اسين پنهنجي گر ڪنهڻ ۾ پورا آهيون. سمجهڻ، سوچڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي حس آزاد نه هئڻ ڪري پنهنجو سماءُ به لهي نٿا سگهون. اسين اڄ به اتي بيٺا آهيون جتي لکين سال اڳ هئاسون. يعني اڄ به لکين انسان بکن، بيمارين، ڏڪارن، جهيڙن، جنگين، فاقن ۽ خودڪشين وگهي موت جو شڪار آهن. چين جي آزادي کان اڳ ڪامريڊ مائوزي تونگ پنهنجي ملڪي حالتن جي باري ۾ چيو هو ته چيني عوام جاگيرداري، قبائلي، سرداري، مذهبي ۽ دقيانوسي ريتن رسمن جي چئن وڏن رسن ۾ ٻَڌل آهن. جيستائين اهي نٽا ٽٽن، تيستائين عوام جو خوشحال ٿيڻ ناممڪن آهي. تيئن اسين به انهن رسمن ۾ ٻڌل آهيون. انهيءَ ڪري اسان جي سوچڻ، سمجهڻ، ڳولڻ، جاچڻ ۽ تجسس جي حس ڪمزور آهي. انهيءَ سبب جي ڪري ئي اسين هن ڪائنات بابت ڪا سمجهه پري سوچ قائم ڪري نه سگهيا آهيون. دنيا جا

ٻيا ملڪ انهن فرسودن خيالن کان پري آهن. ٻارڙن کي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ اهو نٿو پڙهايو وڃي تہ اسان جي بي وسي، مسڪيني ۽ غلاميءَ جو سبب اسان جي قسمت، نصيب يا ڀاڳ يا مقدر آهي ۽ نہ سندن سوچ تي ڪي جنائي ملان، پير ۽ ٻاوا لامارا ڏين ٿا، بلڪ اتي هر ڳالهہ چنڊڇاڻ ۽ تجربن وسيلي ثابت ڪري پڙهائي، سمجهائي ۽ مڃي وڃي ٿي. اهوئي سبب آهي جو انهن ملڪن جو عوام هر وهم پرستيءَ کان آجو آهي. عوام ۽ ملڪ خوشحال آهن. جديد ٽيڪنالاجي سان مالامال آهن. ڪنهن جا بہ غلام ۽ ڳيجهو ڪونہ آهن. اسان لاءِ انهيءَ اونداهيءَ مان نڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ اسين سائنسي ڄاڻ حاصل ڪريون ۽ علم جو ڦهلاءُ عام ڪريون. اهوئي اسان جي نجات جو واحد ذريعو بڻجي سگهي ٿو.

اسان جي عوام بي پناهہ ڪمزورين جي باوجود پنهنجين حالتن کي سمجهڻ جي شروعات ڪئي آهي. دير بدير پنهنجين ڪمزورين ۽ ڪوتاهين تي قابو پائي وٺندو ۽ وڪوڙيل سنگهرن مان پنهنجي جان آجي ڪرائيندو. جلد ئي قومي عوامي جمهوري سرشتو قائم ڪري ملڪ مان جهالت، مفلسي ۽ غربت جو خاتمو آڻي، امن، انصاف ۽ خوشحالي قائم ڪري وٺندو.

●●●

سنڌي عوامي برقي - ڪتاب
Sindhi Awami e-Books